# "پورهیت"

# وطن دوست

پبلیکیشن



Aftab Ahmed ...
Shikarpur Sind

# وطن دوست

پبليڪيشن جو پنجون ڪتاب
"پورهيت"

سهيڙيندڙ
نواز جسڪاڻي ـ ضمير لاڙڪ

مئي - جون ۱۹۷۸ع ۾ ڇپيو

قيمت: ٽي رپيا

ائڊريس
ڪمرو نمبر ۸
شوڪت برادرس
ويجهو، شيزان هوٽل، گدبس ناڪو
حيدرآباد سنڌ

پنهنجي پچار — ادارو

## انٽرويو

عبدالقادر ملڪاڻي — نواز جسڪاڻي
قاضي فيض محمد — ضمير لاڙڪ
محمد سومر ابڙو — قاضي مسيح
محمد عظيم بليدي — مومن ابڙو
محمد آچر چنو — اسحاق

## مضمون

هڪ ڏينهن جي انصاف پيرٽي ڪم لاءِ
هڪ ڏينهن جي انصاف پيري اجرت — اينجلس
افغانستان جو انقلاب — ا ـ س ـ ناصر
پورهيت جي اجرت تي ڌاڙي
جو نالو اضافي نفعو — "فيض"
سنڌ ۾ ڪلهوڙا دور — ا ـ س ـ ناصر

## رپورٽ

گنڌ جي گاديءَ جا ڪلور — قاضي مسيح

## هڪ خط

ڏوس ـ آفريڪا جي لڙائي — مس گلفام علي گوهر

هي ڪتاب نواز جسڪاڻي، عارف برقي پريس حيدرآباد مان ڇپرائي پڌرو ڪيو.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

انساني سماج جي وجود ۽ رنگيني جو دارومدار پورهيت جي وجود سان آهي. انساني سماج، جيڪي مختلف ارتقائي منزلون طئي ڪيون آهن. ڇا انهي ارتقا ۾ پورهيت جو حصو نه آهي؟ بلڪل آهي. سماج جي ارتقا ۽ تبديلي پيداواري رشتن جي تبديلي ڪري ٿئي ٿي ۽ پيداواري رشتن جي تبديلي ۾ پيداواري قوتن جو وڏو عمل دخل رهي ٿو ۽ پيداري قوتن ۾ پورهيت انسان جي جيئري جاڳندي محنت جوئي اهم ڪردار هوندو آهي. يورپ ۾ صنعتي سماج لاءِ صنعتي تخليقون ۽ ايجادون به پورهيت جون ئي ڪيل آهن پر پوءِ به دنيا جي گهڻن ملڪن جي سماجي قدرن ۾ پورهيت کي حقير سمجهيو وڃي ٿو ۽ ان کي ذلت جي زندگي گذارڻ تي مجبور ڪيو وڃي ٿو. ۽ ان جي محنت تي پلجندڙ هن سماج ۾ ڌت ناڪر سان رهن ٿا ۽ ڪوڙهئي سماج ۾ ڪم چور هوندي به پاڻ کي انسان تصور ڪن ٿا.

هن وقت دنيا ۾ هڪ طرف پورهيتن جو پنهنجو سماج قائم ٿي چڪو آهي جيڪو غير طبقاتي سماج ڏانهن وڌي رهيو آهي. جتي پورهيت ئي حيثيت ڪُل جو مالڪ آهي. ٻئي پاسي وري ڪن ملڪن جو بوجوازي ٻين قومن جي عوام جي ڦرلٽ ڪري پنهنجي ملڪ جي پورهيت جي معيار زندگي ڪجهه بلند ڪئي آهي، اتي طبقاتي ڦرلٽ آهي پر ان ۾ شدت ڪانه آئي آهي. ٽئين طرف ترقي پذير ۽ غلام ملڪ آهن جتي طبقاتي ويڇا تيز آهن ۽ انهن جي سماج جا قدر ۽ معيار ڦورو ٽولن جا ٺاهيل آهن جتي پورهيت ٻٽي ڦرلٽ جا شڪار پيا ٿين. عالمي سامراج يا ان جي ڇاڙتن (جيڪي ڏاريا آهن) جي، ٻيو اندروني دشمن جاگيردار يا زميندار ۽ سرمائيدار جي. انهن ملڪن جا باشعور پورهيت پنهنجي ڦرلٽ واري سماج کي ڊاهڻ سان گڏ پنهنجي قومي تاريخي تسلسل قائم ڪرڻ لاءِ به جدوجهد پيا ڪن جيڪا عالمي، علائقائي سامراج يا ان جي ڇاڙتن سندن ڪان ڦري ورتو آهي. اسان جو پورهيت پڻ ٻٽي ڦرلٽ جو شڪار آهي ان لاءِ هتي به ٻه گروهه ڪم ڪري رهيا آهن پر انهن مان ڪي پورهيت کي نج اقتصادي جنگ پيا ڪرائين ته ڪي وري ان عمل سان گڏ سياسي به، پر سياسي پهلو تي وڌيڪ زور پيا ڏين. ڪي وري نج سياسي يا نج نظرياتي. جيستائين اسان جو باشعور پورهيت، اقتصادي، سياسي ۽ نظرياتي جنگ کي تيز نه ڪندو ۽ ان ۾ توازن پيدا نه ڪندو. ايستائين ڪيس طبقاتي ڦرلٽ جي خاتمي سان گڏ تاريخي تسلسل جي حاصلات پڻ مشڪل ٿي پوندي.

* سنڌ جو بزرگ سياستدان محترم شيخ عبدالمجيد سنڌي، جنهن جي سر تي انگريز سامراج جي گهڻ گهرئي ۽ لقب يافته کي شاندار شڪست ڏيڻ جو تاج هيو. سو اسان کان وڪلائي پنهنجي فطري سفر تي روانو ٿي ويو. ”ادارو“ سندس پوين سان ان گهري ڏک ۾ شريڪ آهي.

”ادارو“

فريڊرڪ اينگلس

# هڪ ڏينهن جي انصاف ڀرئي ڪم لاءِ هڪ ڏينهن جي انصاف ڀري اجرت

هيءَ چوڻي انگريز مزدور تحريڪ گذريل پنجاهہ ورهين کان اختيار ڪيو پئي اچي. جڏهن بدنام زمانہ قانون اجتماع ١٨٢٤ ۾ رد ڪيا ويا ۽ ٽريڊ يونينون آسرڻ لڳيون تہ انوقت هي چوڻي فائديمند ثابت ٿي هئي ۽ عظيم‌الشان چارٽسٽ تحريڪ جي زماني ۾ اڃا بہ وڌيڪ فائديمند ثابت ٿي جڏهن انگريز مزدوريورپ جي‌مزدور طبقي جي اڳيان اڳيان هئا. پر وقت چرپر ۾ رهندو آهي. تنهنڪري گهڻيون ئي شيون جيڪي پنجاهہ يا ٽيهہ ورهيہ اڳ پسنديده ۽ ضروري هيون سي هاڻي دقيانوسي ۽ بلڪل بي سريون ٿي ويون آهن. ڇاهي پراڻو قديم اصولي قول ڪي بہ ان زمري ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو.

هڪ ڏينهن جي انصاف ڀرئي ڪم لاءِ هڪ ڏينهن جي انصاف ڀرئي اُجرت ۾ هڪ ڏينهن جي انصاف ڀري اُجرت ۽ انصاف ڀريو ڪم آهي ڇا؟ انهن‌ کي اهي قانون ڪيئن معين ڪندا جن هيٺ نئين معاشري جو وجود قائم آهي ۽ اهو ارتقا ڪندو آهي ۽ انکي سمجهڻ لاءِ اسان کي نہ علم اخلاقيات مان فائدي حاصل ڪرڻ جي ضرورت آهي، نہ ئي وري قانون ۽ ناڻي جي اصول جي، نہ انصاف، انسان‌دوستيءَ جي جذباتي احساس ۽ نہ فياضيءَ جي. هڪ شيءِ جيڪا اخلاقي لحاظ‌کان انصاف ڀرئي آهي. ويندي قانون تائين انصاف ڀري آهي پر ٿي سگهي ٿو تہ معاشري جي لحاظ کان انصاف ڀري نہ هجي. منصفانہ هجڻ جو فيصلو رڳو هڪ علم ڪندو آهي. اهو علم جنهن جو واسطو پيداوار جي مٿاسٺا جي مادي حقيقتن ٿي آهي يعني سياسي معاشيات جي سائنس.

تہ پوءِ سياسي معاشيات هڪ ڏينهن جي انصاف واري محنت ۽ هڪ ڏينهن جو انصاف ڀريو ڪم ڪنهن کي قرار ڏئي ٿي؟ اجرت جي شرح ۽ ڏينهن جي ڪم جو وقت ۽ شدت جيڪا ڪليل منڊيءَ ۾ رڳو آجر ۽ ۽ مزدور جي وچ ۾ مقابلي سان ٺهي ٿي. جڏهن اهي اهڙيطرح مقرر ٿين ٿا تہ پوءِ اهي ڇا آهن؟

عام حالتن ۾ هڪ ڏينهن جي انصاف ڀري اجرت اها رقم آهي جنهن سان مزدور پنهنجي زنده رهڻ جا ضروري ذريعا حاصل ڪندو آهي تہ جيئن هو پنهنجي پاڻ کي ڪم ڪرڻ جي لائق رکي ۽ پنهنجي نسل جي واڌ ڪندو رهي. اهو هن جي حالتن ۽ ملڪ جي معيار زندگي پٽاندر مقرر ٿيندو آهي. حقيقي اجرت

# افغانستان جو انقلاب

افغانستان ۾ ترقي پسند انقلاب آيو آهي. انقلاب ڇا آيو آهي، سڄي عالمي رجعت پسند برادري ۾ ٽرٽلو مچي ويو آهي. علاقائي طاقتن کي گهٽتي ٿي پئي آهي. سفارتي مهم تيز ٿي وئي آهي. سينٽو کي وري فعال ۽ مضبوط ڪرڻ جون تجويزون زير - غور آهن. بنگلاديش کان ايران تائين رجعت پسند قوتون اڳ جو بغليون هڻي رهيون هيون تن جا ڇهه ڇڄي پيا آهن. دنيا جي طاقتور ترين قوت - آمريڪا کي - افغانستان جهڙي ننڍڙي، غريب ۽ ڪمزور ملڪ ۾ ترقي پسند انقلاب ڪري ايراني نار ۽ هندي سمنڊ ۾ خطرو محسوس ٿيڻ لڳو آهي. سامراجي مائوٿ پيس بي - بي - سي انقلاب جي اندوهناڪ ۽ خوني منظر ڪشي ڪرڻ شروع ڪري ڏني. ته ڏهه هزار ماڻهو ماريا ويا آهن. صدارتي محل وٽ لڙائي ۾ دائود جي ٻه هزار حمايتن مان صرف ٻه سؤ بچي ويا آهن. دائود کي ٻه ڀاءُ نعيم سان گڏ ماريو ويو، نه صرف اهو پر دائود جي پٽن، پوٽن ۽ پوٽين کي دائود جي اکين ٻيهاري هڪ هڪ ڪري ماريو ويو. اهي ۽ اهڙا ٻيا ڪيترائي من گهڙت قصا. هتي اسان انقلاب جي ڪارڻن ۽ ان جي نتيجن جو ذڪر ڪنداسين جيئن خبر پوي ته آخر سڄي دنيا جي رجعت پسند ۽ سامراجي قوتن کهڙن سببن ڪري انقلاب کي ناڪام بنائڻ يا ان جي اثر کي روڪڻ لاءِ هاءِ گهوڙا شروع ڪري ڏني آهي.

**افغانستان جي جاگرافيائي ۽ سياسي اهميت:**

افغانستان جي جاگرافيائي بيهڪ اهڙي آهي جو چڻ هو چوواٽي تي آهي. هڪ رستو هندوستان کان شروع ٿي روس تائين وڃي ٿو، ٻيو وري چين کان ايران تائين. قديم وقت ۾ انهن ملڪن ۾ واپار جو هي اهم چو واٽو هو. هن وقت واپار جا اهي رستا توڙي جو استعمال ڪونه ٿا ٿين پر افغانستان جي جاگرافيائي بيهڪ ڪري افغانستان اڄان تائين چڻ ڏکڻ اوڀر ايشيا، ايشيائي ڪوچڪ، مغربي ايشيا ۽ ايراني نار تي چڻ چوڪيدار وانگر بيٺو آهي. افغانستان جي هن جاگرافيائي بيهڪ جي اهميت کي جنهن هندوستاني حڪمران ڀريائين سڃاتو سو هو چندر گپت، جنهن افغانستان کي فتح ڪري هندوستان سان ملائي ڇڏيو، مغل سلطنت شاهي ۾ اڪبر ائين ڪيو، جنهن کي اڳين حالتن جو تاريخي تجزيو هو ته هندوستان تي حملا گهڻو ڪري ان طرف کان ٿيا پئي، انهيءَ ڪري خود هندوستان جي سلامتي ۽ استحڪام لاءِ ضروري هو ته افغانستان جو ڳانڍاپو هندوستان سان هجي. انگريز سامراج

۽ اها ڳالهه سمجهي ورتي هئي. روس جي هندستان تي متوقع حملي کي روڪڻ لاءِ يا روس کي هندي سمنڊ تائين پهچڻ کان روڪڻ لاءِ انگريزن اڳتي وڌڻ واري پاليسي تي عمل ڪندي افغانستان سان لڙايون شروع ڪيون، آخر ۾ معاهدو ڪري روس ۽ هندستان جي وچ ۾ افغانستان کي بچاءَ وارو علائقو بفرزون ڪري ڇڏيو. اهڙي طرح ڏکڻ اوڀر ايشيا ۾ روسي اثر کي انگريزن جي حڪمت عملي هڪ بند ٻڌي ڇڏيو.

سياسي حالتن ۾ تبديلي ايندي رهندي آهي، پر ملڪن جي جاگرافيائي بيهڪ جي اهميت ۾ ڪا به تبديلي ڪانه ايندي آهي. افغانستان اڳي وانگر هن وقت به غريب ملڪ آهي. پر صرف سندس جاگرافيائي بيهڪ ڪري وچ اوڀر کان ڏور اوڀر تائين جي طاقت جي توازن جو بار وڃي افغانستان جي ڪلهن تي پيو آهي. ان سڄي علائقي ۾ رجعت پسندي ۽ ترقي پسندي ۾ جيڪا ازلي لڙائي هلي رهي آهي. تنهنجو مرڪز رڙهي وڃي ڪابل پهتو آهي. انهيءَ ڪري علائقائي رجعت پسند قوتون، عالمي سامراج جي مدد سان ڪنهن به طرح افغان انقلاب کي ناڪام ڪرڻ گهرن ٿيون يا ته وري ان جي اثر کي بند ٻڌڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون.

### ٻئي افغان انقلاب جي تاريخي اهميت:-

۲۷- اپريل ۱۹۷۸ تي جيڪو افغان انقلاب آيو آهي سو درحقيقت جون ۱۹۷۳ واري پهرين افغان انقلاب جي هڪ ترقي پسند ڪڙي آهي. ٻئي افغان انقلاب کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته پهرئين افغان انقلاب جو جائزو وٺجي.

### پهريون افغان انقلاب:-

پهرئين افغان انقلاب افغانستان ۾ بادشاهت کي ختم ڪري افغانستان جي تاريخ ۾ پهريون دفعو رعيتي راج قائم ڪيو. ظاهر شاهي بادشاهت قرون وسطي جي جاگيرداري ۽ قبائلي دور سان تاريخي طرح ڳنڍيل هئي ۽ پنهنجي طرز- خڪومت ۾ قرون وسطيٰ جي جاگيرداري بادشاهتن کان ڪنهن به طرح مختلف ڪونه هئي.

افغانستان جي آباديءَ جو ڳچ حصو خانه بدوش آهي جن جو گذر سفر چوپائي مال ۽ چراگاهن تي آهي. آبادي جو باقي رهيل حصو قبائلي ۽ جاگيرداري سماج هيٺ منظم ٿيل آهي. ماڻهن جي ظالمانه ڦرلٽ ڪرڻ لاءِ ۽ انهن کي لاڳيتي بدحالي ۾ رکڻ لاءِ جاگيردارن وچين دور ۾ پاڻ کي جيئن بادشاهت جي شڪل ۾ سياسي مرڪز هيٺ منظم ڪيو سو سلسلو ۱۹۷۳ع تائين هلندو پئي آيو. بادشاهي سياسي نظام ۽ جاگيردارانه سماجي نظام کي مظبوط رکڻ لاءِ جاگيردار ملي ۽ مولوي جون خدمتون به حاصل ڪيون ته جيئن مُلو مذهب جي اهڙي تشريح ڪري جيڪا ماڻهن ۾ ذهني غلامي پيدا ڪري جيئن ماڻهو جاگيردارانه ڦرلٽ ۽ ڏاڍ کي رضاالاهي سمجهي احتجاج نه ڪن. افغانستان ۾ انهيءَ ڪري مُلي جو ايترو زور آهي جيترو ٿورن ڪن ٻين ملڪن ۾ هوندو، افغانستان جي بدحالي جي ذميواري هن جاگيرداري نظام تي آهي. افغانستان اقوام متحده جي انهن ۲۵ ملڪن جي فهرست ۾ آهي جيڪي دنيا جا غريب ترين ملڪ ليکيا وڃن ٿا. حالانڪ افغانستان معدنيات سان مالا مال آهي پر انهن

جاگيرداري مدي خارج ٿي چڪي هئي، جديد دور جون تقاضائون جاگيرداري نظام پوري ڪري نہ پيوسگهي. اندروني ٽڪراءُ روز بروز تيز ٿي رهيا هئا، انقلاب جي ڪنهن بہ وقت توقع ٿي پئي سگهي. انهي ڪري عوام کي گمراهہ ڪرڻ لاءِ سماجي ٽڪرائن جي شدت گهٽائڻ لاءِ افغان جاگيردار طبقي جاگيرداري سماجي نظام کي جيئن جو تيئن رکي بادشاهي سياسي نظام کي تبديل ڪري جاگيردارانہ جمهوريت يعني اشرافيہ آرسٽو ڪريسي قائم ڪئي. سردار دائود هن افغان اشرافيہ جو ظاهري طرح سان صدر جي حيثيت ۾ ڪم ڪرڻ لڳو. حالانڪ جاگيرداري ۽ قبائلي سماجي نظام ۾ ڪابہ تبديلي ڪانہ آئي پر پوءِ بہ سياسي نظام جي تبديلي ڪري پيداواري قوتن کي ڪجهہ ساهہ کڻڻ جو موقعو مليو. جاگيردار جي سياسي مرڪزيت ( بادشاهت ) ختم ٿي پئي. پهريون افغان انقلاب ترقي پسند قوتن جي رهبري ۾ آيو هو، انهي ڪري جاگيردار جي طاقت جو ڪوڙو ڀرم کلي پيو. زير - زمين جيل خانہ بند ٿي ويا، ترقي پسند قوتن کي اسرڻ جو موقعو مليو. اهڙي طرح سان ٻئي افغان انقلاب لاءِ راهہ هموار ٿي.

## ٻيو افغان انقلاب:-

سردار دائود حڪومت ۾ اچڻ کانپوءِ آهستي آهستي پنهنجي طبقاتي ڪردار ۾ ظاهر ٿيندو ويو. وات ٽڪائي ڪانسوءِ عملي طرح سان ڪوبہ اهڙو قدم نہ کنيو ويو جيڪو افغان سماج ۾ بنيادي تبديلي آڻي. افغانستان جو وڏي ۾ وڏو مسئلو هو جاگيرداري ۽ قبائلي نظام جو خاتمو ڪري ملي جو زور ٽوڙڻ ۽ افغانستان مان غربت دور ڪرڻ. پر بجاءِ ان جي سردار دائود پنهنجي حڪومت جي سڄي مشينري ترقي پسند قوتن کي ختم ڪرڻ ۾ لڳائي ڇڏي. چونڊي چونڊي ترقي پسندن کي جيلن ۾ بند ڪيو ويو. ترقي پسند استادن ۽ شاگردن کي تعليمي ادارن مان ڪڍيو ويو فوج مان بہ ترقي پسند عناصر کي ڪڍيو ويو، آهي شخص جن سردار دائود جي حوالي حڪومت ڪئي تن جا عهدا گهٽايا ويا، انهن کي ماڳهين عهدن تان هٽايو ويو. نہ رڳو اهو پر باقائده رٿ تحت ۽ منظم دهشت گردي سان ترقي پسند قوتن جو صفايو ڪيو پيو وڃي. ترقي پسند قوتن خلاف هيءَ منظم دهشت گردي افغانستان جي اندروني سماجي ٽڪرائن جو ٻاهريون ڏيک هئي. عوام هر حالت ۾ جاگيردارانہ تشدد ۽ ڦرلٽ کان ڇوٽڪارو چاهي پيو. ترقي پسند قوتون عوام جي ان عظيم جدوجهد کي منظم ڪري اڳتي وڌائڻ پيون. جاگيردار طبقو هر طرح سان پنهنجي آمريت برقرار رکڻ ۽ ڦرلٽ کي جاري رکڻ لاءِ پنهنجي تشدد جو نشان انهن قوتن کي پيو ڪري جيڪي عوام جي سماجي جدوجهد ۾ صحيح رهبري پيون ڪن. ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ سردار دائود ٻاهرين دنيا مان رجعت پسند دوست هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. خاص ڪري ايران ۽ سعودي عربستان مان دائود حڪومت ۾ اچڻ وقت اعلان ڪيو هو تہ ظاهر شاه ۽ رضا شاه جي وچ ۾ هيلمند ندي جي پاڻيءَ جي ورڇ جو جيڪو معاهدو ٿيو آهي تنهن جا شرط ٻيهر طئہ ڪيا ويندا. دائود ائين تہ نہ ڪيو پرپاڻ ايران جي ويجهو اچي ويو. ايتري قدر جو افغانستان ۾ ريلوي

ڏسو صفحو ٤٣

ضمير لاڙڪ

# قاضي فيض محمد سان هاري تحريڪ بابت ڳالهه ٻولهه

سوال: هاري تحريڪ ۽ هاري ڪاميٽيءَ جو احوال ٻڌائيندا؟ ان ڪهڙيون ڪاميابيون حاصل ڪيون ۽ پوءِ بي اثر ڇو ٿي ويئي؟

جواب: ١٩٣٠ع ۾ بئراج شروع ٿيڻ وارو هو، تڏهن سنڌ ۾ زمينون تمام وڏي انداز ۾ پيدا ٿي پيون. اندازو اهو هو ته اها زمين زميندار بئراج کاتي مان خريد ڪندا، ۽ هارين کي ڪجهه به نه ملندو. تنهن ڪري سنڌ جي ڪجهه مخلص ماڻهن جن ۾ خاص محترم جي - ايم سيد، شيخ عبدالمجيد سنڌي، جمشيد مهتا، پرنسپال گوکلي (اين-اي-ڊي انجنيئرنگ ڪاليج جو پرنسپال) چيتامل پرسرام ۽ ڪامريڊ عبدالقادر جوڻيجو، انهن هاري ڪاميٽيءَ جو بنياد وڌو، جنهن جو مقصد هو ته اهي نيون زمينون هارين کي ڏياريون وڃن. اهڙيءَ طرح سان اها تحريڪ شروع ٿي. انهيءَ کانپوءِ ڪامريڊ عبدالقادر ۽ ٻيا ترقي پسند دوست ٿـن هارين جا ٻيا معاملا به کنيا ۽ تحريڪ زور وٺندي وئي. جيئن مون ١٩٤٠ ۾ وڪالت شروع ڪئي تڏهين هتي ڪامريڊ عبدالقادر جوڻيجو، جمال الدين بخاري، ڊاڪٽر هاسا رام ۽ ٻيا ترقي پسند دوست هئا جن سان آءٌ شامل ٿيس ۽ هاري ڪاميٽي جو ميمبر ٿيس. ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي شروع کانوني ترقي پسند خيالن جو هو ۽ نوڪري ۾ هوندي به ان تحريڪ سان همدردي ۽ وابستگي رکندو هو.

جڏهن ١٩٤٤ - ٤٥ ۾ مسٽر مسعود آءِ - سي - ايس ڪليڪٽر ٿي آيو ۽ ان سان گڏ مسٽر ٽامڪنسن سانگهڙ ضلع جو ڪليڪٽر ٿيو، ٻنهين جو هيڊ ڪوارٽر نواب شاهه ۾ هيو. مسٽر ٽام ڪنسن انگلنڊ ۾ ترقي پسند خيالن رکندڙ ماڻهن جي وابستگي ۾ رهيو هو ۽ مسعود به بمبئي ۾ پيلن (جيڪي پٺتي پيل هئا) جي مدد ۽ همدردي ڪئي هئي هن سنڌ ۾ اچڻ سان هارين سان دلي همدردي ڏيکاري ۽ زمينداريءَ جي خلاف هيو. انهن ٻن آفيسرن جي هٿ ڪري هاري تحريڪ هنن ٻن ضلعن ۾ چڱو زور پڪڙيو ۽ هاري زميندار کي صرف ٻٽئي دستور موجب حصو ڏيڻ لاءِ تيار هئا، باقي وڌيڪ رعايتون ڏيڻ کان انڪار ڪيو. ايتري قدر جو هاري پنهنجو حصو زميندار جي غير حاضري ۾ ٻٽئي ڪئي ويندا هئا ۽ زميندار جو حصو ڇڏي ويندا هئا. جتي

موڪ هوندي هئي اتي بٽئي اڌو اڌ هوندي هئي. ڪن هنڌ پنج سمي هوندي هئي يعني ٻه حصا زميندار تي حصا هاري، يا ته سمي هوندي هئي اتي هڪ حصو زميندار ٻه حصا هاريءَ جا، جتي چرخي هوندي هئي اتي پنج سمي ۽ جتي چرخي ۽ موڪ گڏ هوندي هئي اتي ته سمي.

زميندر سنڌ جو انگريز جي حڪومت ڪانوني ڪامورا شاهيءَ سان سازباز ڪندڙ هئو ۽ پورهيت طبقي جي واسطي ڏاڍو ظالم هئو جيئن اڄ به آهي- جيڪڏهن ڪي به خود دار هاري هوندا هئا ته انهن تي ڪوڙا ڪيس، چوريون ڪرائڻ، ڌاڙا هڻائڻ انهن طريقن سان هو پورهيت طبقي کي دٻائيندا هئا ۽ آفيسر شاهي ان ۾ ساڻس شامل هوندي هئي. پر هنن ٻن نوجوان آء - سي - ايس آفيسرن جي پاليسي ان جي ابتڙ يعني زميندار جي خلاف هئي. انهيءَ ڪري هاري هن سنڌ جي وچين علائقي ۾ پنهنجو پاڻ سنڀالڻ لڳا.

اسان سرهاريءَ ۾ هڪ وڏي ڪانفرنس ۴۶-۴۵ ۾ سڏائي هئي- جنهن ۾ اسان انگريزن جي سخت خلاف ڳالهايو ۽ وڏيرن کي به سخت ڳالهايوسون- انهيءَ ڪري مسترتام ڪنسن مون کي مسعود صاحب جي معرفت گهرايو مگر دڙڪي هيٺ، جڏهن مان ساڻس مليس ته شروع ۾ هن نهايت غصي جو اظهار ڪيو ته آءٌ انگريزن کي سخت ڳالهايو آهي- پر مون ان کي چڱيءَ طرح منهن ڏنو- پوءِ ڪلي ڏنائين ۽ چيائين ته آءٌ پاڻ اهو چاهيان ٿو هارين کي سجاڳ ڪيو پر سست آهيو ڪجهه تيزيءَ سان ڪم ڪيو. جلدي صوبائي چونڊن جو اعلان ٿيو. انهيءَ زماني ۾ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي استعيفا ڏني ۽ هاري ڪاميٽيءَ ۾ شامل ٿي ويو. پاڪستان ٿيڻ کان اڳ ۾ هاري ڪاميٽيءَ جون پاڙون سخت پختيون ٿي ويون. سڄي سنڌ جي ضلعن ۾، تعلقن ۾ تنظيم ٿي وئي- صدر، جنرل سيڪريٽري ورڪنگ ڪاميٽيون، تعلقي کان مرڪزي تنظيم تائين ٺاهيون ويون. ورڪرن جو انداز سون ۾ ٿي ويو. همدردن جو انداز هزارن ۾ ٿي ويو. ليڊرشپ لاءِ به ڪي سؤ کن ماڻهو هئا. سنڌ هاري ڪاميٽيءَ (مرڪزي تنظيم) ۾ اٽڪل ۳۰ کن ميمبر هوندا هئا. نالا گهڻا آهن پر خاص مخلص ۽ جوشيلا ڪارڪن مسلمانن، هندن، سکن سڀني مان هئا. ۽ ڪيترن هندن تي خاص طرح نواب شاهه ۾ ته جلسن جلوسن ۽ خوراڪ جو بندوبست اسان جا هندو ڪامريڊ ڪندا هئا. خاص جن نمايان حصو ورتو ۽ قربانيون ڏنيون انهن ۾ ڊاڪٽرحاسارام نواب شاه جو حڪيم محمد محاذ، ۽ سکر مان سيد شمس‌الدين شاهه، الله دين سمون، شيخ محمدرمضان، نيڪ محمد فاضلي، جيڪب‌آباد مان عبدالڪريم گدائي، برڪت علي آزاد، شان بخاري لاڙڪاڻو، مولوي نذير حسين جتوئي، مولوي عزيزالله جروار، دوست محمد ابڙو، دادو، علي احمد قريشي، حيدرآباد ۾ غلام حسين سومرو، ڪامريڊ مير محمد، ميرپور مان غلام محمد لغاري، غلام حيدرلغاري سانگهڙ مان مسلم مجنون، مولوي محمد علي، ڪراچي. عبدالقادر، جمال‌الدين بخاري صوبو گيانچندائي لاڙڪاڻو.

پر انوقت اسان جي سمورين ڪوشش يا ڪم ڪرڻ تي اهڙيون مصيبتون نه هيون جيڪي پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ٿيون. هاري

قاضي مسيح

انٽرويو

# هاري ورڪر محمد سومر ابڙو

**سوال:** اوهان ڪڏهن کان هاري تحريڪ ۾ ڪم ڪري رهيا آهيو؟

**جواب:-** مان ١٩٤٧ کان هاري تحريڪ ۾ ڪم ڪري رهيو آهيان. پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ اسانجي تر ۾ جيڪي هندو هيا (ٽريچن جي پرسان ڳيريلو آهي جيڪو پاڪستان کان اڳ تمام سٺو واپار جو مرڪز هوندو هيو ۽ هتان جا هندو به سٺا شاهوڪار ماڻهو هيا ۽ انهن تمام وڏيون بلڊنگس به ٺهرايون جيڪي اڄ به اها شاهدي ڏئي رهيون آهن. هن وقت انهن جڳهن ۾ غير سنڌي رهن ٿا جن انهن جڳهين کي ڇڻ مال جا واڙا ڪري ڇڏيو آهي.) انهن وڃڻ وقت پنهنجون زمينون ۽ جڳهيون پنهنجي سنڌي دوستن (وڏيرن ۽ هارين کي ڏئي ڇڏيون هيون. اڳتي هلي جڏهن هندو هتان ويا ته انهن خالي جڳهين ۾ اسانجا سنڌي هاري به اچي ويهي رهيا ۽ زمين تي به انهن جو قبضو ٿي ويو. اسان هاري ڪاميٽيءَ وارن انهن کي اهي زمينون ڏيارڻ لاءِ ڪوشش ورتي ۽ ان وقت کانوٺي مان هاري تحريڪ ۾ ڪم ڪري رهيو آهيان.

**سوال:-** ان دور ۾ هاري ڪاميٽي ۾ جڏهن توهان ڪم ڪندا هيا ان وقت ڪم ڪرڻ جو ڪهڙو طريقو هيو؟

**جواب:-** اسان ورڪر گڏجي ڪجهه ٽولو ٺاهي ڪم جي ورهاست ڪري پوءِ مختلف ڳوٺن ۾ وڃي ڪچهريءَ جي انداز سان هارين کي پنهنجن مسئلن کان واقف ڪندا هياسين ۽ هارين جا ڪي مسئلا هوندا هيا ته انهن کي اسان لاڙڪاڻي هاري ڪاميٽي جي آفيس ۾ موڪليندا هياسين آفيس ۾ اسانجو هڪ ساٿي مقرر ويٺو هوندو هيو ۽ هر ڪنهن قسم جي ڪوشش وٺي ان مسئلن ڪي حل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندو هيو. پر ڪامريڊ حيدربخش سان جتي به ويندا هياسين اتي هارين جي ميٽنگ سڏائيندا هياسين ۽ پوءِ ڪامريڊ تقرير وسيلي هارين کي انهن جي مسئلن حل ڪرائڻ لاءِ جدوجهد جي طريقن متعلق ٻڌائيندو هيو.

**سوال:-** ڪا نظرياتي ڳالهه ٻولهه به ٿيندي هئي؟

**جواب:-** بلڪل! ڪامريڊ چوندو هيو ته بابا هيءَ جيڪا وٽ پڪڙ آهي انهيءَ سان اوهانجي مسئلن کي ڪنهن حد تائين گهٽائي سگهجي ٿو پر ختم نٿو ڪري سگهجي ڇاڪاڻ ته

# سنڌ ۾ ڪلهوڙا دور

ڪلهوڙا سنڌ جي تاريخ جي تمام اهم دورن جا اکين ڏٺا شاهد آهن. نہ رڳو اهو پر ڪلهوڙن خود سنڌ اندر مختلف محاذن، نظرياتي محاذ تي، ڏاڙئين قبضي خلاف آزادي جي لڙائي، ڏاڙئين آبادڪار ۽ مقامي رئيس، وڏيري ۽ جاگيردار خلاف هارين جي لڙاين - تي هلندڙ لڙاين ۾ عملي طرح سان حصو ورتو آهي، ان ۾ هڪڙو اهو دور بہ آيو جنهن ۾ سنڌ جي قسمت جون واڳون ڪلهوڙن جي هٿ اچي ويون ڪلهوڙن جي سياسي تحريڪ ۽ قوت سنڌ ۾ ڪهڙيون سماجي تبديليون آنديون، ڪلهوڙن ڪهڙين قوتن کي اڳتي وڌايو ۽ ڪهڙين کي پوئتي هٽايو. ڪلهوڙن جي مطالعي ۾ اسانجو مرڪزي نقطو اهو آهي، نہ اهو تہ ڪلهوڙا سمات - سنڌي هئا يا عباسي - سنڌي هئا. تاريخ متعلق اسانجو نقطہ نظر ترقي پسند آهي نہ ڪي نسل پرستي وارو رجعت پسند. اسان جي بدقسمتي اها آهي جو سنڌ جي تاريخ جو هڪ باب بہ ترقي پسند نقطہ نگاهہ کان ڪونہ لکيو ويو آهي. غلام رسول مهر جنهن ڪلهوڙن جي تاريخ مرتب ڪئي آهي. تنهن ڪلهوڙن کي ڪمزور شهادتن جي بنياد تي عباسي ثابت ڪيو آهي ۽ پيو تہ ڪلهوڙن جي تاريخي رول کي غير ضروري طور تي وڌايو آهي. ڪلهوڙن سنڌ جي تاريخ کي اڳتي ڪونہ وڌايو آهي: ڪلهوڙن پاڻ انهن قوتن جي راهہ ۾ رڪاوٽ پئي وڌي، جن سنڌ جي تاريخ کي اڳتي وڌائڻ جي جدوجهد پئي ڪئي. ڪلهوڙن جي وڏي کان وڏي تاريخي گناهہ لاءِ بہ غلام رسول مهر جواز پيدا پئي ڪيو آهي، تنهن خود هڪ هنڌ هڪ سوال ڪيو آهي. سنڌ کي اڪبر مغل سلطنت ۾ شامل ڪيو هو، ۽ بنگال ۽ دکن وانگر هيءُ پرڳڻو پڻ مرڪز کان گهڻو پري هو. تنهن ڪري مرڪز کان ڇڄي الڳ ٿي وڃڻ لاءِ ان کي سڀئي موقعا ميسر هئا، ۽ ٻين صوبن جي مقابلي ۾ سنڌ لاءِ ايئن ڪرڻ وڌيڪ آسان بہ هو. ليڪن، ان جي باوجود، سنڌ ۾ مرڪز کان جدا ٿيڻ جي ڪنهن بہ اهڙي ڪوشش جو سراغ نٿو ملي، جهڙيون ڪوششون ٻين پرڳڻن ۾ مغل حڪومت جي زوال شرط ئي ڪليءَ طرح شروع ٿي چڪيون هيون." تاريخ جي مطالعي ۾ اهو بنيادي سوال آهي. ان سوال جي جواب ڳولي لهڻ لاءِ ۽ ڪلهوڙن جي اوسر جا مادي سبب ڳولي لهڻ لاءِ لازمي آهي تہ سرسري طرح سان ڪلهوڙن جي اصل نسل تي بہ نظر ڪئي وڃي.

غلام رسول مهر ڪن شجرن جي آڌار تي، جن جي صحت تي ڪيس بہ شڪ هئا نہ ايتري

حد تائين جو هن رچرڊ برٽن جو قول به نقل ڪيو آهي ته ”ڪلهوڙن پنهنجي حڪومت جي وقت ۾ زبردستي اهي شجرا ٺهرايا هئا.“ تڏهن به مهر صاحب آخري طرح ان نتيجي تي پهتو ته چاڪاڻ ته ان وقت ڪلهوڙن جي عباسيت تي ڪنهن به شڪ نه ڪيو ۽ چاڪاڻ ته ٻي ڪا ثابتي نه ملي آهي تنهن ڪري ڪلهوڙا عباسي آهن. حالانڪ ٿوري غور ڪرڻ سان اسان صحي نتيجي تي پهچي وڃون ٿا ته ڪلهوڙا ٻاهريان ڪونه هئا. مهر صاحب لکي ٿو ته غالباً هيءَ خاندان سنڌ تي عباسي خليفن جي حڪومت واري آخري دور ۾ پهتو هوندو.“ (١) هن مان ظاهر ٿئي ٿو ته ڪلهوڙن جي وجود جو پتو اسان کي سنڌ ۾ عربن جي حڪومت جي وقت کان پئي ٿو. ۽ هي اهو دور آهي جنهن ۾ ڪلهوڙا اسان کي سنڌي جي حيثيت ۾ ملن ٿا نه ڪي عربن جي حيثيت ۾. ان وقت ۾ جنهن وقت ۾ عرب حڪمران هئا ۽ سنڌي محڪوم هئا، اهڙي صورتحال ۾ حڪمران ٽولي مان نڪري رعيت ۾ شامل ٿيڻ وارو منطق سمجهڻ ۾ نه ٿو اچي. هڪڙو طبقو جنهن وٽ سياسي ۽ اقتصادي قوت آهي سو هيٺئين طبقي جي ثقافت ايستائين قبول نه ڪندو جيستائين ان جي سياسي ۽ اقتصادي قوت ڪسي نه ورتي وڃي آهي. حاڪم کان محڪوم ۾ ضم ٿيڻ وارو عمل ان وقت اڃان به مشڪل ٿي پئي ٿو جنهن وقت حاڪم ۽ محڪوم ۾ ڪشمڪش تيز آهي. ”عرب جي آخري دور ۾“ جنهن لاءِ مهر جو خيال آهي ته ڪلهوڙا سنڌ ۾ آيا هوندا — ۾ ته عربن آبادڪارن ۽ سنڌين ۾ تيز لڙائي هلي رهي هئي، ان لڙائي ۾ سنڌ جي نمائندگي سومرا ڪري رهيا هئا. اهڙي صورتحال ۾ اها ڳالهه وسهڻ جهڙي ڪانه آهي ته ڪلهوڙا عباسي هئا، عرب ڪان لڏي اچي سنڌ ۾ رهيا، جڏهن محڪوم سنڌين ۽ حاڪم عربن درميان سياسي ڪشمڪش زورن تي هئي ته ڪلهوڙا اچڻ سان ئي سنڌي ٿي ويا.

سومرن جي اڳواڻي ۾ عربن جي خلاف سنڌ جي جيڪا لڙائي هئي تنهن جا ٻه پهلو هئا. هڪ ته اها ڌارئين قبضي خلاف قومي آزادي جي لڙائي هئي، ٻيو ته ڌارئين آبادڪار خلاف هاري بغاوت هئي. هن لڙائي هلندي سلطان محمود سنڌ فتح ڪئي هئي ان وقت ڪلهوڙن جو پهريون مشهور فرد هڪ زميندار ۽ رئيس جي صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿو، جنهن جو نالو چينو خان هو. جڏهن سنڌ پنهنجي قومي ڇوٽڪاري لاءِ ڌارئين آبادڪارن خلاف جنگ لڙي رهي هئي، اهڙي صورت ۾ ڪنهن به ڌارئين جو زميندار جي حيثيت ۾ ايري اچڻ وسهڻ جهڙو ڪونه ٿو لڳي.

مهر صاحب لکي ٿو ته ڪلهوڙا سنڌ ۾ عربي حڪومت جي آخري وقت ۾ آيا. عربن خلاف سنڌي سومرا لڙي رهيا هئا، پر ان لڙائي جو ڪو نتيجو ظاهر ٿئي تنهن ڪان اڳ سلطان محمود غزنوي سنڌ فتح ڪئي. سلطان محمود جي وقت ۾ ڪلهوڙا خاندان جي رئيس ۽ زميندار جيڪو مشهور ٿيو سو هو امير چينو خان. مهر صاحب مختلف ڪتابن تان چيني خان جي ڪن ڏاڏن پڙ ڏاڏن جا نالا نقل ڪيا آهن. جيئن ته ٿل، ٻهلو، سنڪراسي، ڪاهر، ٿل، آبن ۽ اوڏائو وغيره. ”آخري دور“ پوين چند سالن

---

(١) تاريخ سنڌ ڪلهوڙا دور (جلد پهريون) ص ٦٧.

کان هڪ يا ٻن نسلن تائين ٿي سگهي ٿو. جڏهن سلطان محمود عربن جي اقتدار کي ختم ڪيو ته ان وقت ڪلهوڙن جو رئيس امير چينو خان هو، جنهن کان مٿي اسان اوڏائي تائين ستن پيڙهين جا نالا معلوم ڪري سگهون ٿا. ۽ انهن نالن تي غور ڪنداسين ته اهي نالا اسان کي خالص سنڌي لڳن ٿا. آخر ائين ڪيئن ٿيو ته ”عربن جي آخري دور ۾ ڪلهوڙا سنڌ ۾ آيا“ ۽ اسان انهن جي ستن پيڙهين جا نالا معلوم ڪري وياسين اهڙا نالا جيڪي خالص سنڌي آهن، عربي ڪونهن.

غلام رسول مهر صاحب بار بار پئي لکيو آهي ته ڪلهوڙا بنيادي طرح سان زراعت پيشه هئا. اقتدار کان اڳ ۽ پوءِ واري وقت ۾ ڪلهوڙن زمينون هٿ پئي ڪيون آهن. ذراعت سان والهانه وابستگي سنڌ ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿي نه ڪي عربن وٽ. جنهن وقت به اسان کي ڪلهوڙن جو ڏس پتو ملي ٿو؛ ان وقت کان ڪلهوڙا زراعت سان وابسته ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

مٿي جيڪي ڪجهه بيان ٿي چڪو آهي تنهن مان ظاهر آهي ته ڪلهوڙا هتي جا اصل سنڌي هئا، نه ڪي عباسي خاندان جا عرب هئا. ڪلهوڙا فوجي مهم پسند هئا، جن پنهنجن سياسي مقصدن خاطر ۽ ماڻهن جي حمايت ۽ تنظيم لاءِ پيري مريدي جو طريقو اختيار ڪيو. جاگيرداري دور جي توهم پرستي سان گڏ نسل پرستي جو عنصر به هوندو آهي. ماڻهن ۾ مرشد جو درجو حاصل ڪرڻ لاءِ لازمي هو ته پنهنجو نسب ڪنهن نه ڪنهن نسبت سان پيغمبر - اسلام سان ملائڻو هو. پر وري به هتي واضح ڪجي ٿو ته اهم اهو ناهي ته ڪلهوڙا اصل سنڌي هئا يا عربي نسل جا هئا، اهم اهو آهي ته ڪلهوڙن جي ڪري سنڌ ۾ ڪهڙيون سماجي، سياسي، ثقافتي تبديليون آيون. يا جيڪي تبديليون اچي رهيون هيون، تن ڏانهن ڪلهوڙن جو رويو ڪهڙو هو؛ اهڙي نموني سنڌ جي تاريخ ۾ اسان ڪلهوڙن جو مقام متعين ڪري سگهنداسين.

هن مضمون جي شروعات ۾ ٻڌايل آهي ته ڪلهوڙا سنڌ جي تاريخ ۾ تمام اهم واقعن جا اکين ڏٺا شاهد آهن. سنڌ ۾ اهي واقعا ڪلهوڙن جي اقتدار کان اڳ به پيش آيا ته هنن جي اقتدار وقت به. ڪلهوڙن جو اهو دور جنهن ۾ هنن ڪنهن نه ڪنهن طرح سنڌ جي سياست ۾ حصو ورتو سو تمام طويل آهي. اهو دور سنڌ ۾ عربن جي آخري وقت کان وٺي سنڌ ۾ ٽالپر دور تائين آهي جڏهن سنڌ مان ڪلهوڙن جي حڪومت ختم ٿي وئي. هن سڄي دور ۾ سنڌ ڪنهن وقت مڪمل طرح سان آزاد ۽ انتهائي خوشحال رهي جيئن سمن جو دور، ته غلامي جي بدترين دور ۾ به رهي. سنڌ جي آزادي لاءِ جدوجهد جو روشن دور به آهي ته ڌارين جي تشدد جي ننگي تلوار به. ڪلهوڙن سومرن جي اڳواڻي ۾ عربي اقتدار خلاف جنگ ڏٺي، سنڌ ۾ سلطان محمود جي ڪاهه ڏٺي ۽ ان مان فائدو به ورتو. ڪلهوڙن سنڌ جي سومرن جي دور ۾ ثقافتي ترقي ڏٺي، سومرن جي غيرت ۽ بهادري ڏٺي، سنڌ جي آزادي لاءِ جنگ ڏٺي، ڪلهوڙن سمن جي وقت ۾ سنڌ جي مڪمل آزادي ۽ درياخان جي وقت ۾ سنڌ جي مثالي خوشحالي ڏٺي، ڪلهوڙن ارغونن جي ڪاهه، ترخانن جي حڪومتن کان پوءِ مغل حڪومت جو دور ڏٺو. مغلن خلاف ڪلهوڙا خود وڙهيا پر پوءِ انهن جا

فرمانبردار ٻانها ٿيا، سنڌ ۾ نادري قتل ـ عام ڏنو ۽ احمد شاهه ابدالي جي ڌٻڙ دونس جا به عيني شاهد ڪلهوڙا آهن. مطلب ته ڪلهوڙن جو دور سنڌ جي تاريخ ۾ تمام ڏکيو آهي اسان ان ڏکيي دور جو مختصر نمونو چند اهم واقعن جي روشني ۾ مطالعو ڪنداسين اهڙي طرح سان جو ان وقت جي سنڌ جي تاريخ جا جزائيات به اسانجيسامهون اچي بيهندا. ڪلهوڙن جي تاريخ ۾ اهم واقعا آهن چيني خان ڪان وٺي ميان غلام شاهه تائين. انهي ڪري اسان پنهنجو مطالعو به چيني خان ڪان شروع ڪري ميان غلام شاهه تي ختم ڪنداسين، جنهن ڪان پوءِ جا چند سال ڪن نادان فردن جي نااهلي جو داستان آهي.

چيني خان لاءِ جيئن اڳي ٻڌايل آهي ته جنهن وقت سلطان محمود غزنوي سنڌ فتح ڪئي ته هو هڪ رئيس ۽ زميندار جي حيثيت ۾ ظاهر ٿيو، چينو خان رڳو رئيس يا زميندار ڪونه هو پر هن پاڻ کي روحاني پيشوا طور تي به پيش ڪيو ۽ پيري مريدي جو طريقو شروع ڪيو. هن روحاني ۽ اقتصادي آسودگي ڪان سواءِ چينو خان سياست ۾ عملي طرح سان حصو وٺي پيو. چيني خان جي اها ته طرفي ترقي ڪا اتفاقي ڳالهه ڪونه هئي. چيني خان ڪان اڳ ۽ ان جي وقت جون جيڪي حالتون هئيون چيني خان کي تن پيدا ڪيو. چيني خان جي وقت ۾ عربن خلاف سومرا جيڪي لڙائي ڪري رهيا هئا سا قومي سان گڏ طبقاتي هئي جيڪا، تلوارن، نيزن، ڀالن ۽ تيرن ڪان علاوه نظرياتي هٿيارن سان به لڙي پئي وئي. عرب اسلامي ايڪتا تي زور ڏئي رهيا هئا ته سومرا وري قومي بنيادن تي ثقافت ۽ سيڪيولرزم تي. هر هنڌ ۽ هميشه ائين ٿيو آهي ته مظلوم قوم يا طبقي جيستائين پاڻ کي ظالم قوم يا طبقي ڪان نظرياتي يا ثقافتي طرح سان علحده نه ڪيو آهي تيستائين ظالم جي خلاف ڪامياب سياسي جنگ نه لڙي سگهيو آهي، جنگ جيڪڏهن کٽي به آهي ته ان جا نتيجا صحيح ڪونه نڪتا آهن. سومرن انهي ڪري نظرياتي طرح سان پاڻ کي عربن ڪان الڳ رکيو. چيني خان اهو سڀ پئي ڏٺو پر هلندي جنگ ۾ هن ڪوبه حصو نه ورتو ٻنهي مان ڪنهن جي نظريه کي به مڪمل طرح سان پنهنجو نه ڪيو نه سومرن جي کي نه وري عربن جي کي، وچان پيري مريدي جي راهه ڪڍي ۽ جڏهن سلطان محمود سنڌ ۾ پهتو ته چينو خان جلدي ۾ اسان کي رئيس ۽ زميندار ڏسڻ ۾ اچي ٿو. قليچ بيگ لکيو آهي ته ”غزنوي ۽ غوري بادشاهن جي گماشتن جي زماني ۾ هي ”چينو“ ڪيترن راڻن جي مدد سان ملتان پهتو، ۽ اتي جي حاڪمن سان پاڻ کي وابسته ڪري ڇڏيائين.“ سنڌين ۽ عربن جي لڙائي ان مرحلي ۾ هئي جو ڪابه قوت غالب نظر نه پئي آئي، انهي ڪري چيني خان لاءِ ڪنهن به هڪ کي چونڊڻ مشڪل هو. پر جڏهن سلطان محمود سنڌ ۾ هڪ فاتح جي صورت ۾ اچي نازل ٿيو ته چيني خان کي پنهنجي وفاداري ظاهر ڪرڻ ۾ ڪابه ڏکيائي ڪانه ٿي، ”ملتان پهچي پاڻ کي اتي جي حاڪمن سان وابسته ڪري ڇڏيائين.“ هن طرح موقعه مان پنهنجي لاءِ ڪو مفاد حاصل ڪري وٺڻ نه صرف چيني خان لاءِ پر پوءِ جي ڪلهوڙن لاءِ به جائز هو. غلام رسول لکي ٿو ته ”ملتان جي حاڪم محمد چيني کي جاگير به ڏني ۽ ڪيس چام

(١) تاريخ ڪلهوڙا ـ غ ـ ر مهر ص ٨١

کابل جي ڀر قبيلن ارغونن ۽ ترخانن شاهه بيگ جي اڳواڻي ۾ سنڌ فتح ڪئي هئي. اقتدار پهرياڻين ارغون خاندان جي هٿ هيٺ هو جنهن کانپوءِ ترخانن جي هٿ ۾ آيو. ترخانن کان وري اقتدار مغلن جي هٿ هليو ويو جڏهن اڪبر بادشاهه جي سپهه سالار عبدالرحيم خان خانان سنڌ فتح ڪئي. مغل ۽ ارغون ترخان سامراج * ۾ اهو فرق هو جو ارغون ۽ ترخان سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ سنڌ ۾ رهي پيا هئا. هنن سان گڏ پنهنجا ٻار ٻچا به هئا ۽ سنڌ جي ڪيترن وڏيرن جي گهرن سان هنن شاديون به ڪيون هيون. ارغون ۽ ترخان ڌرتي کان ايترو ته اکڙجي چڪا هئا جو هنن جي ڪابه پٺ ڪانه رهي هئي، ٻيو هيءُ ته ترخانن سنڌ کي انتظامي طرح ٻن حصن ۾ ورهائي ڇڏيو اتريون حصو جنهن جي گادي بکر هئي ۽ ڏاکڻيون حصو جنهن جي گادي ٺٽو هو.

مغل سامراج کي دهلي سلطنت جي مضبوط پٺ Rear هئي. مغل لشڪر جيڪو آيو سو هتي اهم قلعن تي قابض ٿي ويهي رهيو لشڪر جو گهڻو حصو خان خانان سان واپس هليو ويو لشڪر سان پنهنجو خاندان ساڻ ڪونه هو جيئن ترخانن ۽ ارغونن سان هيو. مغلن ۽ ترخانن جي لڙائي ۾ سنڌين جي ڪابه دلچسپي ڪانه هئي، ڇاڪاڻ ته ٻئي ڌريون سنڌ تي تسلط قائم ڪرڻ گهرن پيون. هنن جي لڙائي ان تي هئي ته سنڌ تي ڪنهن جي حڪومت هئڻ کپي ان هڪ جهڙائي کان سواءِ مغل ۽ ترخان اقتدار جون پنهنجون ڪجهه مخصوص ڳالهيون به هيون. مغلن جو جيترو لشڪر سنڌ ۾ هو تنهن کان ارغوني ترخاني لشڪر تعداد ۾ وڌيڪ هو پر ارغونن کي ڪابه مضبوط پٺ ڪانه هئي جيئن مغلن کي هئي. ٺٽي ۽ بکر جي ترخان گورنرن ۾ اختلافات ٿي پيا ايتري حد تائين جو ٻنهي ڌرين ۾ لڙائي جي نوبت اچي وئي، ترخانن کي مضبوط پٺ نه هئڻ ۽ انهن جي باهمي تضادن ڪري هو گهڻي وقت تائين، صرف چند هزار لشڪر ۽ ڪن سنڌي وڏيرن جي مدد سان، باقي ناراض آبادي جي خواهش خلاف سنڌ تي ايتري وقت تائين حڪومت ڪري نه سگهن ها جيتري وقت تائين پوءِ مغلن حڪومت ڪئي سنڌين کي ترخانن جي قوت جو به اندازو ٿي ويو هو. جڏهن پورچوگيزن ٺٽي تي حملو ڪيو هو. حالانڪ هن حملي ۾ ڪيترائي سنڌي مارجي ويا هئا ٺٽي جي ظالمانہ ڦرلٽ ڪئي ويئي هئي آخر ۾ ٺٽي کي باهه به ڏني وئي هئي ان سڀ ڪجهه ٿيندي به سنڌين تي اها حقيقت کلي ته ارغون ۽ ترخان مضبوط ڪونه آهن. ترخانن جي مقابلي ۾ حالانڪ مغل ٿورا هئا تڏهن به هنن کي اڪبر جي دهلي شهنشاهيت جي مضبوط پٺ هئي، جيڪا فوري ڪمڪ سوکلي مشڪل کان بچڻي پئي وئي، دهلي شهنشاهيت جي مضبوطي ڏي سنڌين لاءِ نفسياتي شڪست خوردگي جو باعث بڻجي پئي سگهي. مغل سامراج حالانڪ ارغون، ترخان سامراج کان وڌيڪ مضبوط هو پر

* هتي سامراج جو اصطلاح جديد سياسي- اقتصاديات مطابق استعمال نہ ڪيو ويو آهي پر پنهنجي پراڻي معني ۾ جنهن جو مطلب آهي ڌاريون قبضو يا تسلط اڳتي به جتي سامراج لفظ اچي ته ان کي ان معني ۾ سمجهيو وڃي.

نند وڏائي واري ورچ کي قبول ڪيو پيو وڃي. تصوف سيني انسانن جي ترقي ۾ يقين پيو رکي انهي ڪري جاگيرداري نظام ۽ ڏاڍئين قبضي خلاف هاري بغاوتن ۾ تصوف کي نظرياتي هٿيار طور استعمال ڪيو پيو وڃي. ڪلهوڙن تصوف جي هيءَ شڪل ۽ صورت قبول نه ڪئي پر آن جي شڪل مٽائي ان کي پنهنجي طبقاتي مفادن لاءِ استعمال ڪرڻ شروع ڪيو. ڪلهوڙن جو تصوف ۽ تحريڪ اڇوڪن اصطلاحن ۾ نه کاٻي ڌر جو هو نه وري ساڄي ڌر جو، ڪلهوڙن جو تصوف وچٿرو يا آزاد خيال هو، جيڪو پنهنجي ظاهري شڪل صورت، نعري ۽ دعوا توڙي عمل ۾ ڪيترو به انقلابي لڳي پر پنهنجي منطقي نتيجي ۾ رجعت پسند ۽ فسطائي آهي. ڪلهوڙن تصوف جي آڙ ۾ پيري مريدي وسيلي ماڻهن جي سياسي تنظيم ڪئي اهڙي طرح سان هڪ طاقتور گروپ ٺاهي زمينون هٿ ڪندا رهيا. ڪلهوڙا انهيءَ ڪري روحاني پيشوا، سياسي اڳواڻ، زميندار سان گڏ فوجي مهم پسند هئا. آدم شاهه کين اهو سمجهايو ته پنهنجي اقتدار کي وڌائڻ لاءِ رڳو اهو طريقو ناهي ته چيني خان وانگر حڪمران جي وچ ۾ چانئنٽ چمچي پر عوامي آڌار کي استعمال ڪري طاقتور گروپ ٺاهي اقتدار حاصل ڪجي. مغل سامراج جي اها ڪيفيت هئي، ڪلهوڙن جي اها پاليسي هئي. سنڌ جا وڏيرا ۽ جاگيردار قوم سان غداري ڪري مغل سامراج جا طرفدار هئا. عوام استحصال جي چڪي جي ٻن پڙن جي وچ ۾ پيسجي رهيو هو. هڪ طرف هو مغل سامراج ۽ ٻئي طرف وري سنڌي رئيس، وڏيرو ۽ جاگيردار.

آدم شاهه جي مارجڻ کان وٺي ميان يارمحمد جي وقت تائين، جنهن وقت ڪلهوڙن کي حڪومت جي سند ملي. هي سڄو دور ڪلهوڙن جي فوجي مهم جوئي ۽ زمين هٿ ڪرڻ جو دور آهي. آدم شاهه جي مارجي وڃڻ ڪري ۽ مغلن جي تشدد ڪري ڪلهوڙا ماڻهن جون همدرديون حاصل ڪندا ويا. آدم شاهه جي پٽ دائود زمينن ۾ اضافو ڪيو. سندس ٻن پٽن هرهڪ ميان الياس ۽ ميان شاهل محمد زمينن ۽ طاقت ۾ اڃا به واڌارو آندو. شاهل محمد ته ان مهم ۾ پنهنجي ڏاڏي يعني آدم شاهه وانگر قتل ڪيو ويو. ميان شاهل زمينون آباد ڪرايون انهي لاءِ هن لاڙڪاڻي وارو گهاڙ واهه به کوٽايو هو. ميان شاهل محمد کانپوءِ سندس پاڻتيو، ميان الياس جو پٽ ميان نصير محمد مسند تي ويٺو. ميان نصير محمد ڪلهوڙي سيني کان وڌيڪ سياسي تدبر، بلند حوصلي ۽ فوجي تدبير جو مالڪ هو. حالتون سازگار نه ڏسي هو ريگستان ڏانهن هجرت ڪري ويو جتان پوءِ ملتان هليو ويو. هن ڏکهي ۽ تڪليف پرئي سفر ۾ هن مريدن جي سياسي تربيت ڪئي، انهن کي ڏکن ڏاکڙن جون مشقون ڪرائي کين سخت جان ڪيو. جڏهن مقابلي جو ست ساريائين ته موٽي اچي لڙائي شروع ڪيائين. جنهن ۾ بکر جي گورنر محبت خان، سبي جي گورنر مرزا خان ۽ غدار سنڌي وڏيرن جي سات کي شڪست ڏنائين. پوءِ ملتان جو گورنر معزالدين به اورنگزيب جي حڪم تي ميان نصير محمد تي چڙهائي ڪري آيو. ان لڙائي ۾ ميان نصير گرفتار ٿي پيو جنهن کي اورنگزيب جي دربار ۾ وٺي ويا. پٺيان ميان جي مريدن پنهنجي جدوجهد جاري رکي. اورنگزيب سخت پهري هيٺ ميان کي گواليار جيل ڏانهن ڏياري موڪليو. ميان صاحب رستي ۾ پنهنجن ڪجهه

ڏسو صفحو ٣٦

"فيض"

# پورهيت جي اجرت تي ڏاڙي جو نالو اضافي نفعو

١٨٣٤ع ۾ انگلستان ۾ سرمايداري جي خلاف رابرٽ اوون جي سرڪردگي ۾ گرانڊ نيشنل ڪنساليڊيشن ٽريڊس يونين تحريڪ نهايت شد مد سان شروع ٿي چڪي هئي ۽ چند هفتن ۾ ميمبرن جو تعداد پنجن لکن تي وڃي پهتو، ان مزدور جماعت ۾ ملڪ جي تمام صنعت ۽ حرفت جا مزدور شريڪ هئا ۽ ان اداري جو پيدا ٿيڻ ان امر جو ثبوت هو ته ان شروعاتي زماني ۾ ئي مزدور ۽ سرمائيدار جي درميان ڪشمڪش شروع ٿي چڪي هئي، پر جنهن تخيل تي ان اداري جو بنياد رکيو ويو هو ان ۾ اخلاقي بلندي ته هئي پر اهو ادارو سائنٽيفڪ بنيادن تي ڪين هو. مزدور جماعت جي ليڊر رابرٽ اوون ان جماعت جا مقصد بيان ڪندي هي اعلان ڪيو ته اسان جو اهو مقصد ڪين آهي ته صرف مزدوري وڌائڻ تي لڙون، پر اسان چاهيون ٿا ته سماجي نظام اهڙي نموني بدلايو وڃي جو هر انسان کي پنهنجي زندگي جي هر ضروري ۽ درست پهلو کي ترقي ڏيڻ لاءِ پوري پوري سهوليت ۽ موقعا حاصل ٿين.

هن مزدور جماعت جي اڳواڻن جو مقصد مزدورن جي محنت وڌائڻ، ڪم جو وقت گهٽائڻ خاطر مزدورن کي هڙتالون يا ڪنهن ٻي قسم جي جدوجهد لاءِ تيار ڪرڻ ڪين هو پر اشتراڪي اصول تي ٻڌائي سرمائيدارن کي اشتراڪيت جو فلسفو سمجهائڻ هو. مزدور اڳواڻن جو خيال هو ته جڏهن سرمائيدار سمجهندا ته اشتراڪي مقصد هر لحاظ کان بهتر آهي ته پوءِ هو خود بخود اشتراڪي نقطه-نگاه قبول ڪندا ۽ اهي گرانڊ نيشنل ڪنساليڊيشن ٽريڊس يونين جا ميمبر ٿي ويندا پر ڪجهه مدت جي ڪوشش کان پوءِ ڏٺو ويو ته هڪ به ڪارخانيدار يا سرمائيدار هن جماعت جو ميمبر ڪين ٿيو جنهن ڪري "اوون" ۽ انهن جي پوئلڳن کي مايوسي ٿي نه صرف ايترو پر فبروري ١٨٣٤ع کان امير طبقي ان جماعت کي تباهه ڪرڻ جي ڪوشش شروع ڪئي ۽ ٦ مهينن جي اندر انهن سيني مزدورن کي جيڪي ان جماعت جا ميمبر هئا تن کي ڪارخانن مان ڪڍي ڇڏيو ۽ جماعت جي اڳواڻن کي اهو خواب خيال ۾

بہ ڪين هئو تہ ڪارخانيدار ائين ڪندا ان لاءِ انهن ڪوبہ اهڙو فنڊ بہ جمع ڪين ڪيو هئو، جو ان مان نڪتل مزدورن کي مدد ڏئي سگهجي. ڪارخانيدارن جي ان جارحانہ ڪاروائي جو اهو نتيجو نڪتو، جو آگسٽ ۱۹۳۴ ۾ "اوون" صاحب کي اهو ادارو بند ڪرڻو پيو. انهن تمام واقعن مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ مزدورن جي بيدار طبقي ۾ اشتراڪيت ۽ اشتماليت جو تخيل تہ پيدا ٿي چڪو هئو پر اهو ايترو صاف نہ ٿيو هئو جو اهي ماڻهو ان کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ، ڪو خاص پروگرام ناهين.

گرانڊ نيشنل ڪنسالڊيشن ٽريڊس يونين تحريڪ جي ختم ٿيڻ کانپوءِ چارٽسٽ تحريڪ شروع ٿي هن تحريڪ جي اڳواڻن جو نقطہ نگاهہ "اوون" ۽ ان جي پوءِ لڳن کان گهڻو درست هئو. چارٽسٽ تحريڪ جي اڳواڻن جي تحريرن مان اهو صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ انهن طبقاتي ڪشمڪش کي سمجهيو ٿي. چارٽسٽ تحريڪ جي اڳواڻن "اوبراين" جي تحريرن مان صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ ان زماني ۾ اشتراڪي خيالن جي تشڪيل شروع ٿي وئي هئي.

"اوبراين" لکي ٿو تہ انساني ترقي جي تاريخ اهو ٻڌائي ٿي تہ دنيا جي امير طبقي جي هميشہ اها ڪوشش رهي آهي تہ غريب کي نہ اڀرڻ ڏجي ۽ ائين ٿئي بہ چونہ، جڏهن تہ غريب جي غربت مان ئي اميري جي عمارت پيدا ٿي آهي. امير طبقو پنهنجي رويہ کي ڪيترو بہ بااخلاق ثابت ڪرڻ چاهي پر اها حقيقت ڪڏهن بہ لڪي نہ ٿي سگهي تہ امير طبقو غريب کي هميشہ لٽيندو ڦريندو رهيو آهي، دنيا جي تمام وهمن جي جڙن جو بہ اهوئي راز آهي تہ وهمن کي پکيڙي امير غريب کي هميشہ جي لاءِ غريب رکڻ چاهي ٿو. انسان جي اها خواهش تہ هو ٻين جي محنت مان فائدو حاصل ڪري، اهو انسانيت جو بنيادي گناهہ آهي سڀ گناهہ ان واحد گناهہ مان پيدا ٿين ٿا. هي اهو گناهہ آهي جنهن دنيا ۾ فتنو ۽ فساد پکيڙي ڇڏيو آهي ۽ انسان جي تاريخ کي ظلم ۽ ستم جو هڪ داستان بڻائي ڇڏيو آهي. ان زماني جي بيدار طبقي کي اهو بہ معلوم هئو تہ غريب طبقي جي تباهي جو ذميوار سرمائيدارانہ طريقہ پيداوار آهي.

"اوبراين" لکي ٿو تہ اسان انفرادي طور تي سرمائيدار کي موجوده سماجي تباهي جو ذميدار نہ ٿا ٺهرائي سگهون ائين ڪرڻ بي انصافي ٿيندي اها تباهي غلط سماجي نظام جو نتيجو آهي ان نظام جي طريقي ڪارتي ڪنهن واحد سرمائيدار بہ هن ڪان مجبور آهي. بورجوازي طبقو ماحول جي تابع آهي ان طبقي جو ڪردار سرمائيدارانہ نظام جي ادارن جو نتيجو آهي جيتوڻيڪ ان زماني ۾ اهي جملا غير معمولي معلوم نہ ٿيا پر ۱۸۳۵ ۾ اهڙا خيالات هڪ بيدار انسان جي ذهن جو ئي نتيجو ٿي سگهيو ٿي. "اوبراين" جي تحريرن مان اها بہ خبر پوي ٿي تہ ان جي نظر سماج جي طبقاتي نوعيت ۽ مختلف طبقن جي ڪشمڪش جي اصول کي بہ سمجهي ورتو هئو هن اهو بہ سمجهيو هئو تہ حڪومت ڪنهن بہ خاص جماعت جي نمائندہ هوندي آهي ۽ صرف وزارت کي نہ پر پوري جماعت کي ان حڪومت جي فعلن جو ذميدار ٺهرائڻ گهرجي. حڪومتي طبقو بہ ڪنهن خاص جماعت جو آلہ ڪار هوندو آهي. "اوبراين" پنهنجي مطلب کي وڌيڪ واضح ڪرڻ لاءِ

هڪ هنڌ لکي ٿو ته صرف احمق ماڻهو اهو خيال ڪندا آهن ته فرانس ۽ انگلينڊ جي جنگ، وزارت جي چند ماڻهن جي ڪارگذارين جو نتيجو هئي. حڪومتي طبقو پنهنجي جماعت جي مفادن مطابق ڪم ڪندو آهي- ”اوبراين“ جي هڪ ٻي تحرير مان ظاهر ٿئي ٿو ته مٿين ۽ وچولي طبقي وٽ دولت مزدور طبقي کي نچوڙڻ سان پيدا ٿي، مٿين ۽ وچولي طبقي جا ماڻهو اها دعويٰ ڪندا آهن ته اهي پنهنجي ڪوشش سان غريب مان امير ٿيا آهن پر آهي اِهو وساري ڇڏين ٿا ته اهي پنهنجي محنت مان امير ڪين ٿيا آهن پر امير ان طرح ٿيا آهن جو انهن ٻين محنتي انسانن کان گهٽ آجوري تي ڪم ڪرايو آهي. ان مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته ان وقت به ”اوبراين“ جي نظر سرمائداري جي بنيادي ناانصافي تي پهچي چڪي هئي- ته ڪئين سرمايدار مزدور جي محنت تي ڌاڙو هڻي وڏيڪ نفعو حاصل ڪن ٿا، ۽ مزدور جي محنت تي قبضو ڪيو آهي ۽ جنهن ڪري انهن وڏيڪ نفعو ڪمايو آهي. هاڻي ان ڳالهه تي غور ڪرڻ بہ نهايت سودمند آهي ته سرمايدار يا هڪ ڪارخانيدار زياده نفعو ڪيئن ٿو حاصل ڪري ۽ مزدور جي محنت مان ڪيئن گهڻو فائدو حاصل ڪري ٿو. مثال طور ٦ ڪلاڪ ضروري محنت سان اهي سڀ جنسون پيدا ٿين ٿيون جن جي استعمال سان فردي پنهنجي محنت ڪرڻ جي طاقت هر روز پيدا ڪري ٿو. جيڪڏهن ٦ ڪلاڪ مزوري محنت جو قدر ناڻي جي زبان ۾ ١ روپيہ آهي ته ان جو مطلب اهو ٿيو ته مزدور جي ٦ ڪلاڪن جي مزدوري جي محنت ١ روپيہ ٿي- فرض ڪجي ته سرمايہدار مزدور کي ٥ روپين جي ڪپهه ڪپڙي تيار ڪرڻ لاءِ ڏني ۽ ٦ ڪلاڪ روزانہ ڪم ڪرڻ سان مزدور ٻن ڏينهن ۾ ٤٠ وال ڪپڙو تيار ڪيو ۽ ١ روپيہ روز جي حساب سان مزدور جي محنت ٻن ڏينهن جي ٢ روپيہ ٿي ٻين لفظن ۾ ائين چئي سگهجي ٿو ته مزدور ١٢ ڪلاڪ ڪم ڪرڻ کان پوءِ ٢ روپيہ محنت ورتي- جيڪڏهن ڪپهه جي صفائي ڇڄائي- اٽائي، چرخي جي گسائي ۽ ٻي ڀڳ ڀڃ جي قيمت ٢ روپيہ جي برابر سمجهي وڃي ته جو ڪپڙي تيار ڪرڻ ۾ خرچ ٿيو ان جو حساب هيٺين ريت ٿيندو.

| | |
|---|---|
| ڪپهه جي قيمت | ٥ روپيہ |
| ٻيو خرچ | ٢ روپيہ |
| مزدوري | ٢ روپيہ |
| | ٩ روپيہ |

اهڙي طرح ٩ روپين ۾ ٤٠ وال ڪپڙو تيار ٿيو. ڪارخانيدار ڪپڙو بازار کڻي ويو اتفاق سان بازار ۾ ڪپڙي جي گهرج هئي ۽ ان کي چاليهہ وال ڪپڙي جي قيمت ١١ روپيہ ملي ڪارخانيدار خوش خوش گهر واپس آيو ۽ وري ڪپڙي تيار ڪرڻ ۾ لڳي ويو ۽ جڏهن ڪپڙو تيار ٿيو تڏهن ڪپڙو وڪڻڻ لاءِ بازار کڻي ويو بدقسمتي سان هن ڀيري بازار ۾ ڪپڙو تمام گهڻو هئو ۽ ان کي ٤٠ وال ڪپڙي جي قيمت صرف ٧ روپيہ ملي ۽ جيڪو ڀريون ڪمايو هئائين هاڻي موٽائي ڏنائين پر سرمائيدار همت نہ هاري هو ڪم ۾ لڳو رهيو هڪ سال تائين ڪندو رهيو جڏهن ان سال گذرڻ بعد حساب لڳايو ته معلوم ٿيو ته واپار ۾ ان نہ ڪجهہ ڪمايو ۽

جي پيسن ۾ دوڪاندار توکي دوڪان تي قبضو ڪرڻ ڪين ڏيندو. تون اهو چاهين ٿو ته مان پنهنجي پوري ڪم ڪرڻ جي طاقت تنهنجي قبضي ۾ ڏيان. اهو ڇو؟ ١ روپئي ۾ دوڪاندار توکي ٥ سير ڪڻڪ ڏئي ٿو پوءِ تنهنجي مرضي آهي ان مان ماني پچائين يا سڄي کائين. اهڙي نموني هڪ روپيي ۾ منهنجي ٦ ڪلاڪن جي محنت وٺين ٿو پوءِ اها تنهنجي مرضي آهي ڪپڙو ٺهرائين يا ڪپهه صاف ڪرائين ۽ ان جو اهو مطلب نه آهي ته توکي هڪ روپئي ۾ ٢٤ ڪلاڪن جي ڪم ڪرڻ جي طاقت ڏيندس.

ها باقي ائين ٿي سگهي ٿو ته حساب سان اهو معاملو ڪجي ته اسان جي طبقي جي سراسري عمر ڪيتري آهي جيڪڏهن ٢٠ ورهيه به مڃجي ته ١ روپئي جي حساب سان اسان کي ٢٠ ورهين جو حساب ڏي پوءِ منهنجي ڪم ڪرڻ جي طاقت تي تنهنجو قبضو ٿيندو ان حالت ۾ تنهنجي مرضي ٿيندي ته ٨ ڏينهن ۾ ڪم ڪرائي ماري ڇڏين يا گهڻي وقت تائين ڪم وٺندو رهين. پر ان انصاف ۾ ته توکي نقصان معلوم ٿئي ٿو تون ته اهو چاهين ٿو ته هفتي جي محنت ڏئي منهنجي پوري طاقت تي قبضو ڪرين. مونکي ياد آهي ته امير طبقو مونکي غلام بڻائي رکندو هئو ۽ جڏهن منهنجي غلامي ان کي مهانگي پئي تڏهن تنهنجي طبقي مونکي نالي ۾ آزاد ڪري ڇڏيو يعني مفلوج بڻائي سڙڪ تي ڇڏي ڏنو ته وڃي ڪماءِ ۽ کاءُ پر دل ۾ ڪلندا رهيا ته کائيندا ڪٿان ڪاڻ ڪماڻ جي وسيلن تي ته اسانجو قبضو آهي. مجبور ٿيندو ۽ وري اسان وٽ موٽي ايندو ۽ پوءِ ان کي سستي اگهه تي خريد ڪنداسون. هڪ روپيو ڏينداسون ۽ ڏهه روپين جو ڪم وٺنداسون. جنس يعني ڪم ڪرڻ جي طاقت مان توکي وڪڻي ڏني آهي اها ٻين جنسن وانگر نه آهي منهنجي جنس ۾ خاص خصوصيت اها آهي ته ان جو استعمال قيمت پيدا ڪري ٿو ۽ پنهنجي قيمت کان زياده قيمت پيدا ڪري ٿو. جيڪو نفعو توکي سرمايه جي قدرتي واڌ معلوم ٿئي ٿو اهو مونکي پنهنجي محنت ڪرڻ جي طاقت جو بيجا خرچ معلوم ٿئي ٿو. مونکي پنهنجي زندگي برقرار رکڻ لاءِ اهو ضروري آهي ته پنهنجي محنت ڪرڻ جي طاقت کي برقرار رکان جيئن هر روز ان کي پيدا ڪري ۽ وڪڻي سگهان. تون هميشه مونکي ڪفايت جي تلقين ڪندو آهين مان ڪفايت وارو مزدور آهيان منهنجي محنت ڪرڻ جي طاقت ئي منهنجو سرمايه آهي ان لاءِ مان کي ڪفايت کان ڪم وٺڻو پوي ٿو. جيئن ڪنهن ڪارخاني ۾ ايترو پئسو لڳائين ٿو جنهن جي ضرورت آهي جو زياده کان زياده نفعو ڏي. اهڙي طرح مان هر روز طاقت ايتري مقدار ۾ صرف ڪندو آهيان جنهن مان نه اها طاقت صرف ٿهندي رهي پر وڌي وڃي. جيڪڏهن تون مون لاءِ ٦ ڪلاڪن جي بجاءِ ١٨ ڪلاڪن جو ڏينهن ڪري ڇڏين ته هڪ ٽي ڏينهن ۾ منهنجي ايتري طاقت خرچ ٿي ويندي جو شايد ٽن ڏينهن ۾ به مشڪل سان پيدا ڪري سگهان. ان ڪري جيڪو تنهنجو فائدو آهي اهو منهنجو نقصان آهي. معاملن ۾ جذبات کي دخل ڏيڻ حماقت آهي مان توکي رحم جي درخواست نه ٿو ڪيان بلڪ انصاف جي ڳالهه ڪيان ٿو هڪ ڏئي هڪ وٺ هڪ ڏئي به نه ٿو وٺي

ڏسو صفحو ٤٢

رپورٽ

قاضي مسيح

# ڳڏ جي گاديءَ جا ڪلور

ڳڏ جي گادي، آها گادي نہ آهي جنهن جي لفظ سان ئي هر سنڌي ماڻهو جي ذهن ۾ ڪائي ڪرامت جي مالڪ پير - جيڪو پڻ اسان جي پورهيت عوام جي ڦرلٽ ڪندڙ آهي - جو تصور ايندو آهي پر هي ڪائي ڪرامت واري ڦرلٽ ڪندڙ جي وڏي پاءُ پوٽار جي ڳوٺ جو نالو آهي- جيڪا لاڙڪاڻي ضلعي جي ڏوڪري تعلقي ۾ آهي. اتان جا باشعور پورهيت هن کي ڳڏ جي گادي چوندا آهن- هن گاديءَ جا مالڪ ٻگهيو ذات جو هڪ خاندان آهي. هاڻي اسين هن خاندان جي سڄي تعلقي تي هڪ هٽي واري روپ جي اوسر جو جائزو پيش ڪنداسين.

جڏهن انگريز سامراجين سنڌ ملڪ کي ١٨٤٣ع ۾ غلام بنايو ۽ انهن پنهنجي قبضي کي سنڌ جي عوام تي مضبوط ڪرڻ لاءِ، سنڌ جي وڏيرن مان پنهنجا چاڙتا پيدا ڪرڻ شروع ڪيا تہ انوقت ۾ هن خاندان بہ پنهنجي وطن ۽ عوام دشمن وڏيرن وانگيان انهن جي ڪنجڪ قبول ڪئي. سامراجين، وطن ۽ عوام سان غداري جي عيوض انهن کي ڪيٽي ”محمود چنہ“ عطا ڪئي. جيڪا هنن کان اڳ ۾ چنہ ذات جي ماڻهن جي ملڪيت هئي. هن خاندان جي وڏي الله بخش ٻگهئي کي ’خانصاحب‘ جو لقب بہ عطا ڪيو ويو. آن جي مرڻ کانپوءِ پڳ تي جهيڙو ٿيو، ڪيترائي پاڻ مارجي ويا- عبدالمجيد ٻگهئي پڳ تي قبضو ڪيو ۽ خاندان جو وڏو ٿيو.

٥ مارچ ١٩٠١ع تي انگريز سرڪار لاڙڪاڻي، خيرپور ۽ نوابشاهہ ضلعن جي حد بندي ڪرڻ واسطي جهنگ مان پهو ڪڍيو- جيڪو سير مارچ جي نالي سان مشهور ٿيو. ان حد بندي هيٺ ڪري لاڙڪاڻي ضلعي جي ڪيترن ننڍن ڪاتيدارن جون زمينون خيرپور ۾ هليون ويون. ننڍن ڪاتيدارن انهن زمينن لاءِ گهڻيون ئي ڪوششون ڪيون پر الله بخش ۽ عبدالمجيد ٻگهئي پنهنجي اثر و رسوخ تي خيرپور ۽ نوابشاهہ ضلعي ۾ انهن جون ويل زمينون پنهنجي نالي ڪرائي ڇڏيون. سير مارچ نڪرڻ ڪري هڪ پوري ديهہ ’گهٽو هٽ‘ جنهن جي ايراضي اٽڪل روءِ ٥٠٠٠ هزار ايڪڙ هئي سا ريڪارڊ تي تہ رهي پر سر زمين تي غائب ٿي وڃي ديهہ ڳڏ ۽ ديهہ محمود چنہ ۾ شامل ٿي. ان زمين جا حقيقي وارث آريجا، قاضي، پيرزاده، ٻگهيا، ممڻائي، سوهو، ڪنير، ڪارائي، مشوري، شيخ ۽ سيد هئا. جن ڪيترين ئي درخواستون ڪيون پر ڪوبہ ڪڙتيل ڪونہ نڪتو پر اٽو سير مارچ سان ڳڏو ڳڏ ٣٠٠ سؤ ايڪڙ زمين

مس گلفام علي گوهر

# قوس - آفريڪا ۾ لڙائي

وطن دوست پبليڪيشن جي ڇپي ڪتاب ۾ "اتر اوڀر آفريڪا ۾ قومي آزادي جي لڙائي" نظر مان گذريو. مان ان مسئلي تي هڪ ٻي نظر سان روشني وجهڻ گهران ٿي، جنهن ۾ پوءِ جي حالتن جو جائزو به هوندو ۽ ڪن جواب طلب مسئلن جي وضاحت به هوندي. ڇاڪاڻ ته ڪن عادتن ناراض شخصن لازمي طرح سان اعتراض ڪيو هوندو. خود منهنجي هڪ ساهيڙي چيو ته "اٿوپيا جي حمايت ڪاٻي ڏر جا ملڪ ڪري رهيا آهن." ۽ ٻيو ته ڪجهه به هجي روسي بحرحال تو ۽ مون کان وڌيڪ ڄاڻن ٿا." "ڪاٻي ڏر جي حمايت، تو ۽ مون کان وڌيڪ ڄاڻڻ" وارن جملن مون کي قلم کڻڻ لاءِ مجبور ڪيو آهي. جيڪڏهن اوهان کي مناسب لڳي ته هن خط کي ڇاپيندا نه ته زور ڪونهي.

قوس- آفريڪا ۾ روس جي پيشقدمي لڙائي جو بظاهر ان نموني خاتمو ڪيو آهي ته صوماليه ۽ اٿوپيا ۾ مسلح تصادم جو خطرو ٽري ويو آهي پر چئي نه ٿو سگهجي ته لڙائي اڃان ختم ٿي وئي آهي. اولهه صوماليه محاذ آزادي لڙائي جاري رکڻ جو عهد ڪيو آهي. گوريلا لڙائي جي نقطئه نگاه کان لڙائي متحرڪ مرحلي مان پوئتي ڌڪجي دفاعي مرحلي تي وڃي پهتي آهي. اڳتي وڌڻ ۽ پوئتي هٽڻ گوريلا لڙائي جا بنيادي نيم آهن. اوگادن کان علاوه اريٽريا جو مسئلو آهي جتي آزمائشي جهڙپون شروع ٿي چڪيون آهن. اريٽريا جون گوريلا تنظيمون هڪ سياسي هاءِ ڪمانڊ ناهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويون آهن. پر تڏهن به ممڪن آهي ته لڙائيءَ جي پهل جيڪا پهرياڻين اريٽيرين جي هٿ ۾ هئي سا وري اٿوپيا جي هٿ اچي وڃي ۽ اريٽيرين وري دفاعي جنگ لڙڻ لاءِ مجبور ٿي وڃن.

هيءَ ته ٿي جنگ جي محاذن جي موجوده حالت پر سياسي جوڙ توڙ ڪهڙي ٿي جنهن لڙائي کي ان مرحلي تي آڻي بيهاريو، هيٺ ان جو ذڪر ڪيو ويندو. قوس- آفريڪا جو مسئلو مقامي مان وڌي علاقائي ٿي ويو، جنهن وڌي بين الاقوامي صورت اختيار ڪئي. انهي ڪري مسئلي کي صحيح طرح سمجهڻ لاءِ اسان کي مسئلي جو انهن ٽن عنوانن هيٺ مطالعو ڪرڻو پوندو. ڇاڪاڻ ته جيڪا به سياسي ڌڙابندي ٿي آهي سا انهن ٽن حالتن کان متاثر ٿي آهي ۽ اڄ جي پيچيده دنيا ۾ مقامي حالتن کي بين الاقوامي اثرات کان آجو ڪري نه ٿو سگهجي.

مسئلي جي مقامي حالت اها آهي ته اولهه

# WATAN DOST PUBLICATION

هندستان جي جڳ مشهور دهشت پسند اڳواڻ "ڀڳت سنگهه" جي سموري عمل ۽ ڪردار جي متعلق، سندس ئي هڪ جڳ مشهور ساٿي "اجي ڪمار گهوش" جو لکيل داستان.

## ڀڳت سنگهه ۽ انجا ساٿي

ڪتاب جو سنڌي ترجمو پڙهو-

* جنهن ۾ سنڌ جي سياسي، انقلابي ۽ بين الاقوامي معاملن تي لکندڙ ليکڪ: ا-س-ناصر، جو "دهشت پسنديءَ جي عمل" متعلق مهاڳ شامل آهي.
* ڀڳت سنگهه ۽ ان جي ساٿين جنهن نموني انگريز سامراج جا ڏيل ڏکائي ڇڏيا، جن ظلم، تشدد ۽ ڏاڍ جي خلاف هٿيار بند رد عمل ظاهر ڪيو.
* تن جي عمل، ڪردار ۽ سياسي حڪمت عملي متعلق هڪ وڻندڙ ڪتاب پڙهو.
* جنهن جي پڙهڻ سان سنڌ سميت سمورن هنڌن تي اهڙي عمل بابت صحيح سوچ ۽ موقف مرتب ٿي سگهندو-

حيدر جويو

مئنيجر: دولهه دريا خان، اشاعت گهر
ڏوڪري، ضلع لاڙڪاڻو.

## وطن دوست اديب پبليڪيشن

پاران: معياري ۽ ترقي پسند ادب جي ترجماني ڪندڙ ڪتاب جلد ظاهر ٿيندا!

# پڙهندڙ نسُل . پ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جيِ دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جھڙيءَ طرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي ھوندا آھن اُھڙيءَ طرح پڙھندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آھن ۽ ھوندا. اُھي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙھندڙ، ٻرندڙ ۽ پڙھندڙ، سُست ۽ پڙھندڙ يا وِڙھندڙ ۽ پڙھندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آھي.

ڪوشش اھا ھوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪم ڪار سَھڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آھي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اھڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ ھِڪٻئي جي مدد ڪرڻ جي اُصولَ ھيٺ ڏي وَٺ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رھندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اھم مرحلو وِرھائڻ distribution جو ٿيندو. اِھو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏھن ڪو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ ھوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ ھو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي ھِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦھلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنھن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻجاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداniءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوء، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين تا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽـتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)